# سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

## سال 2022ع جا ايوارڊ ڏيڻ لاءِ ڪتاب ۽ ٻيو مواد گهرائڻ جو اعلان

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي **رولز 2019ع** تحت هيٺينءَ ريت ايوارڊن جو اعلان ڪجي ٿو:

**پهريون ايوارڊ:** سنڌي ٻولي: لسانيات، ٻوليءَ جي تحقيق، لغت سازي، گرامر، لهجن ۽ سنڌو لکت (Indus Script) تي جاڙاٽايل سالن ۾ ڇپيل ڪتاب

**ٻيو ايوارڊ:** سنڌي ٻوليءَ بابت پاڪستان سميت دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتاب

**ٽيون ايوارڊ:** سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن به نئين ۽ منفرد موضوع تي ڇپيل تحقيقي مقالو: (لازمي طور هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي تصديق ٿيل تحقيقي جرنلن ۾ ڇپيل هجي)

**چوٿون ايوارڊ:** سنڌي ٻوليءَ ۾ انٽرنيٽ تي ڪابه ايپليڪيشن، سافٽ ويئر ۽ گيم يا ڊجيٽلائيزيشن جي ڪابه نئين ايجاد.

**شرط:**

1. سال **2022ع** دوران ڇپيل ڪتابن جون پنج ڪاپيون، شايع ٿيل مقالي جي تحقيقي جرنل جون پنج ڪاپيون ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٺهيل سافٽ ويئر، ايپليڪيشنز ۽ گيم جي سورس فائيل جون پنج ڊي. وي. ڊيز اداري کي موڪلڻيون پونديون، جيڪي ناقابل واپسي هونديون ۽ انهن لاءِ ڪوبه معاوضو نه ڏنو ويندو.
2. اهڙو ڪوبه ڪتاب هن مقابلي ۾ شامل ٿي نه سگهندو، جنهن ۾ ملڪ/ قوم يا مذهب جي خلاف يا شخصي طور ڪنهن تي ذاتي تنقيد ٿيل هوندي، علمي بنيادن تي نظرياتي بحث هن ڳالهه کان آجو هوندو.
3. موڪليل ڪتاب/ مقالا/ سافٽ ويئر ڊي. وي. ڊيز ناقابل واپسي هوندا، جن لاءِ ڪوبه معاوضو نه ڏنو ويندو.
4. اداري جي مقرر ڪيل ڪميٽي طرفان ڪتاب/ مقالا/ ڊي وي ڊيز معزز ججن کي موڪليون وينديون، ججن جو انعامي فيصلو قطعي هوندو، جنهن کي ڪٿي به چئلينج نٿو ڪري سگهجي.
5. ايوارڊ ڪميٽيءَ جو فيصلو بورڊ آف گورنرس سان مشروط هوندو.
6. ڪتاب مقالي ۽ ڊي وي ڊيز موڪلڻ جي آخري تاريخ **28 فيبروري 2023ع** آهي، ان تاريخ پوءِ ايندڙ ڪتاب، مقالا ۽ سافٽ ويئر ڊي. وي. ڊيز مقابلي ۾ شامل ٿي نه سگهندا.
7. هي اشتهار اداري جي ويب سائيٽ www.sindhila.org تي به ڏسي سگهجي ٿو.

**ڪتاب/ مقالا ۽ ڊي وي ڊيز موڪلڻ لاءِ پتو:**


سيڪريٽري

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيارو ادارو

نيشنل هاءِ وي، قاسم آباد، حيدرآباد

رابطو: 022_9240053

**ڊاڪٽر اسحاق سميجو**

چيئرمئن

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو